JOB - - MKI

ايُوب

اَئُوب

اَئُوب

اَئُوب

# ايُوب رو كِتاب

## تعارف

اِيئي كِتاب ۾ هيڪ ايهڙي ماڙهُو ري باري ۾ سنيڙايو گيو اَهي جڪي رو نان ايُوب هتو. او تمام گهڻو شاهُوڪار ماڙهُو هتو. ايُوب نا وڏين مُصِيبتان آن تمام گهڻين آڦتان سين مُقابلو ڪرڻو پڙيو. اُوئي رو سجوئي اولاد مري گيو آن اُوئي رو سجو مال متو آن مِلڪت پڻ تباه ٿي گئِي. اُوئي ري سجي ڏيل تي ڦوڙها نِسريا جڪي سين اُوئي نا تمام گهڻِي تڪلِيف ٿئِي. توئي پڻ ايُوب صبر ڪري سجين تڪلِيفان سهين. اُوئي ڪڏهي پڻ اِيشوَر ري خلاف وات ڪو ڪرِي پڻ ڪهيو ته، ”پرميشوَر ڏِنو آن پرميشوَر ليو، اُوئي ري نان رِي واکاڻ ٿي.“

اِيئي ڪِتاب ۾ ايُوب ري ترنان سنگتِيان ري باري ۾ سنيڙال اَهي جڪو شاعرِي ۾ وات چِيت ڪرين تا. او ايُوب نا ڪهين تا ته، ”تين ضرُور ڪوئِي پاپ ڪريو اَهي جڪي ري ڪري تين تي آڦتان آئين اَهين.“ ايُوب را سنگتِي اُوئي نا الگ الگ طريقان سين تسلِي ڏيڻ رِي ڪوشيش ڪرين تا. اُوئان رو خيال هتو ته اِيشوَر هميشه نيڪ ماڙهُوئان نا اُوئان رِي نيڪِي رو اَجر ڏي تو آن بُران ماڙهُوئان نا اُوئان رِي بُرائِي رِي سزا ڏي تو.

اِيئي سَوا اِيئي ڪِتاب ۾ اِيشوَر رِي قُدرت رِي واکاڻ ڪرِي گئِي اَهي، جين ته اِيشوَر دُنيا آن اِيئي ۾ رهڻ واڙِي هر هيڪ شئِي نا ٺاهيو.

اِيشوَر ري بندي ايُوب اِيشوَر تي پروسو رکيو آن اُوئي ري نان رِي واکاڻ کرِي، اِيئي ري کري
اِيشوَر اُوئي نا وڙي بحال کريو آن اُوئي نا موهروکي سين ڀيٽِي برکت ڏِني۔

### ترتيب

ايُوب، اُوئي رِي آکا آن آزمائش1:1-13:2
ايُوب آن اُوئي را دوست 3:1-40:31
پيهلکِي دفعا وات چِيت 4:1-22:14
ٻِيجِي دفعا وات چِيت 15:1-34:21
تريجِي دفعا وات چِيت 22:1-23:27
ڏاهپ آن سمجھ رو ڀيد 28:1-28
ايُوب رو آپري سُني وقت نا ياد کرڻ 29:1-40:31
الِيهُو رِي وات چِيت 32:1-24:37
پرميشوَر رو ايُوب نا جواب 38:1-6:42
ايُوب رو توبان کرڻ آن اِيشوَر رو برکت ڏيڻ 42:7-17

# 1

## ايُوب آن اُوئي رِي آکا

1 عُوض مُلڪ ۾ هيڪ ماڙهُو رهتو جکي رو نان ايُوب هتو۔ او نيڪ آن سچو ماڙهُو هتو۔ او اِيشوَر
سين ٻِيهاجتو آن بُرائِي سين اَرگو رهتو۔ 2 اُوئي را ست ڏِکرا آن ترن ڏِکرين هتين۔ 3 اُوئي کنهين
ست هزار رِڍان، ترن هزار اُٺ، پنچ سئو جوڙا ڍِگان را، پنچ سئو گڏهين آن مڙهي گهڻا نوکر هتا۔
اُگوٽِي پاسي رهڻ وارَان ۾ او سجان سين وڏيک شاهُوکار ماڙهُو هتو۔
4 ايُوب را ڏِکرا هيکي ٻِيجي ري گهري دعوت ۾ آتا جاتا آن هر هيک وارِي وارِي سين آپري گهر ۾

سجان رِي دعوت ڪرتو. او اِيئي دعوت ۾ آپري ترنان ٻيهنان نا پڻ منگاتا. 5 جڏهين دعوت ختم ٿي
جاتِي تڏهين ايُوب آپري ڏِڪران نا منگائي اُوئان نا پوِيتر ڪرتو آن ساڪرُو ويهلو اُٺي اُوئان سجان
ري گٽپ ري حِساب سين ٻاڙڻ واڙِي قُربانِي ڪرتو. ڪِي تہ ايُوب سوچتو تہ، ”تي سگهي تو تہ
مانهجي ڏِڪران ڪوئِي پاپ ڪريو هوئي آن آپرِي دِل ۾ اِيشوَر ري خلاف ڪوئِي وات ڪرِي
هوئي.“ اِيئي ري ڪري او هر دعوت ڪرڻ سين پَڇي هميشہ اِين رو اِين ڪرتو.

## شيطان رو ايُوب نا آزماڻ

6 پَڇي هيڪ ڏينهن جڏهين فرشتا پرميشوَر ري اگ ۾ حاضر ٿيا تڏهين شيطان پڻ اُوئان ڀيڙو آيو.
7 تڏهين پرميشوَر شيطان نا پُڇيو تہ، ”تُون ڪها سين آئين ٻيو؟“ شيطان پرميشوَر نا ڪهيو تہ،
”هُون زمين تي اِيها اُوها گُهمتو ڦِرتو آئُون ٻيو.“ 8 پَڇي پرميشوَر شيطان نا ڪهيو تہ، ”ڪِي تين
مانهجي ٻانهي ايُوب تي ڌيان ڏِنو اَهي ؟ ڪِي تہ زمين تي اُوئي جيهڙو نيڪ آن سچو ماڙهُو ٻيجو
ڪوئِي ڪو اَهي جڪو مين اِيشوَر سين ٻِيهاجتو هوئي آن بُرائِي سين اَرگو رهتو هوئي. “
9 تڏهين شيطان پرميشوَر نا ڪهيو تہ، ”او تين سين اِيئي ري ڪري ٻِيهاجي تو ڪِي تہ 10 تُون
اُوئي آپ رِي، اُوئي رِي آڪا رِي آن جڪو ڪينهڪ پڻ اُوئي ڪنهين اَهي، هر نمُوني سين سنڀال
ڪرين تو. او جڪو پڻ ڪم ڪري تو تُون اُوئي ۾ برڪت ڏين تو آن مُلڪ ۾ اُوئي را سجا جناور
مڙهي گهڻا وڌي گيا اَهين. 11 جي تُون آپرو هٿ وڌائي جڪو ڪينهڪ اُوئي ڪنهين اَهي او سڀ
ڪُجھ اُوئي سين ڦُري لين، تو پَڇي او ضرُور تاهجي مُونھ تي تاهجي خلاف ٻولسي.“ 12 پَڇي
پرميشوَر شيطان نا ڪهيو تہ، ”جوئو، جڪو ڪينهڪ اُوئي ڪنهين اَهي، او سڀ ڪُجھ تاهجي
اِختيار ۾ اَهي. تُون رُگو اُوئي نا هٿ متان لگائي .“ تڏهين شيطان پرميشوَر ري موهر ۾ هليو گيو.
13 پَڇي هيڪ ڏينهن جڏهين ايُوب ري ڏِڪران آن ڏِڪرِيان آپري وڏي ڀائِي ري گهر ۾ روٽِي کاڌِي
پي آن اَنگُوران رو رس پيئو پي، 14 تڏهين هيڪ نوڪر ڀجتو ايُوب ڪنهين آيو آن ڪهيو تہ، ”اَسان
ٻنيان ۾ ڍگان سين هڙ کيڙيا پي آن پاسي ۾ گڏهين پڻ چرين پين. 15 پَڇي اوچتو سِبا علائقي ري

ماڙھُوئان آئي حملو ڪريو آن اُوئان نا ڦُڙي لي گيا۔ اُوئان تاھجي سجان نوڪران نا پڻ تلوار سين ماري چڏيا آن رُڳو ھُون ئيج بچي ڀجي آيو اَھان تہ جين تِنا خبر ڏيان۔“
16 اُوئي اَجان وات ڪرِي پي تہ ھيڪي ٻيجي نوڪر اُٿ آئي سنپڙايو تہ، ”آڪاس سين ڪيڻ ڪِري جڪي سين سجين رِڍان آن ڏراڙ ٻڙي ڀھسم تي گيا۔ رُڳو ھُون ئيج بچي ڀجي آيو اَھان تہ جين تِنا خبر ڏيان۔“
17 اُوئي اَجان وات ڪرِي پي تہ ھيڪي ٻيجي نوڪر آئي ڪھيو تہ، ”ڪسديان ترن ٽولا ٺاھي اَسان تي حملو ڪريو آن سجا اُٺ ڦُڙي لي گيا۔ اُوئان سجان اوٺاريان نا پڻ تلوار سين ماري چڏيا رُڳو ھُون ئيج بچي ڀجي آيو اَھان تہ جين تِنا خبر ڏيان۔“

18 اُوئي اَجان وات ڪرِي پي تہ ھيڪي ٻيجي نوڪر آئي ڪھيو تہ، ” اَج تاھجي ڏِڪران آن ڏِڪرِيان آپري وڏي ڀائِي ري گھر ۾ روٽِي کاڌِي پي آن اَنگُوران رو رس پِيئو پي
19 آن جوئو، بيابان سين زور سين وائوڙ آئِي آن اُوئي گھر ري چاران پاسان نا لگِي۔ او وائوڙ اِتي تيز ھتِي تہ او گھر اُوئان تي ڪِري گيو آن او سجا مري گيا۔ رُڳو ھُون ئيج بچي ڀجي آيو اَھان تہ جين تِنا خبر ڏيان۔“

20 تڏھين ايُوب اُٺي ڏُک ۾ آپرا گيا ڦاڙيا، آپرو مٿو ڪترايو آن زمين تي گوڏا ڪوئي اِيشوَر نا سِيس نِمايو
21 آن ڪھيو تہ،

”ھُون آپرِي ما ري پيٽ سين خالي ھتي آيو
آن خالي ھتي ئي اِيئي دُنيا سين پَڇو جائِيس۔
پرميشوَر ڏِنو آن پرميشوَر ليو،
اُوئي ري نان رِي واکاڻ تي۔“

22 اِيئان سجيان واتيان ۾ ايُوب نِڪو ڪوئِي پاپ ڪريو آن نِڪو اِيشوَر ري خلاف ڪوئِي وات ڪھِي۔

# 2

## شيطان رو ايُوب نا وڙي آزماڻ

1 پَڇي هيڪ ڏينهن جڏهين فرشتا پرميشوَر ري اگ ۾ وڙي حاضر ٿيا تڏهين شيطان پڻ اُوئان پيڙو آيو تہ جين پرميشوَر ري اگ ۾ حاضر ٿي. 2 تڏهين پرميشوَر شيطان نا پُڇيو تہ، ”تُون ڪها سين آئين پيو؟“ شيطان پرميشوَر نا ڪهيو تہ، ”هُون زمين تي اِيها اُوها گُهمتو آن ڦِرتو آئُون پيو.“
3 پرميشوَر شيطان نا ڪهيو تہ، ”ڪِي تين مانهجي بندي ايُوب تي غور ڪريو اَهي؟ ڪِي تہ زمين تي اُوئي جيهڙو نيڪ آن سچو ماڻهُو بِيجو ڪوئِي ڪو اَهي جڪو مين اِيشوَر سين بِيهاجي آن بُرائِي سين پاسو ڪرتو هوئي. جوئو، تين هرُو پرُو مِنا اُوئي ري خلاف چوڙيو تہ جين اُوئي نا برباد ڪران توئي پڻ او آپرِي سچائِي تي قائم اَهي.“ 4 تڏهين شيطان پرميشوَر نا ڪهيو تہ، ”ڪل ري بدلي ڪل مطلب اِنسان آپرِي جان بچاڻ سارُون سب ڪُجھ ڏي چڏي تو. 5 پڻ جي تُون آپرو هٿ وڏائي اُوئي ري سرير نا تڪلِيف ڏين تو پَڇي او ضرُور تاهجي مُونھ تي تاهجي خلاف بولسي.“ 6 پرميشوَر شيطان نا ڪهيو تہ، ”جوئو، او تاهجي اِختيار ۾ اَهي پڻ تُون اُوئي نا ٽُپ متان ماري .“

7 پَڇي شيطان پرميشوَر سين هليو گيو آن ايُوب ري سرير نا مٿي سين لي پگان تائين سُوڙ ڏيڻ واڙان ڦوڙهان سين پري چڏيو. 8 تڏهين ايُوب آپري جِسم تي کاجي ڪرڻ سارُون هيڪ ٺڪرِي لي ڦُلهيار تي بيسي رهيو. 9 پَڇي ايُوب رِي ڏوسِي ڪهيو تہ، ”ڪِي تُون اَجان تائين آپرِي سچائِي تي قائم رهِيس؟ اِيشوَر ري خلاف بول آن مري جا.“ 10 پڻ ايُوب آپرِي ڏوسِي نا ڪهيو تہ، ”تُون ايهڙين گانڏين واتين ڪي ري ڪري ڪرين پئِي؟ ڪِي اَپان نا اِيشوَر سين رُگو سُک جُڙي آن ڏُک نہ جُڙي؟“ اِيئان سجيان واتيان ۾ ايُوب اِيشوَر ري خلاف ڪوئِي پڻ وات ڪو ڪرِي.“

## ايُوب را ترن دوست

11 ايُوب را ترن دوست هتا، تيمان شهر سين اِليفز، سُوخ علائقي سين بِلدد آن نعما علائقي سين ضُوفر. جڏهين اُوئان ايُوب ري ڏُکان ري باري ۾ سنيڙيو تڏهين او آپري آپري علائقي سين آيا تہ جين پيڙا تي ايُوب ري ڏُک ۾ شريڪ ٿين آن اُوئي نا دِلدارِي ڏين. 12 جڏهين اُوئان اَڙگي پنڌ سين ايُوب رِي حالت ڏِٺِي تڏهين اُوئي نا اوڙکي ڪو سگهيا آن جڏهين اوڙکيو تڏهين زور زور سين روئڻ

لگا. اُوئان ڏُک ۾ آپرا گيا ڦاڙيا آن آپري متي ۾ ڏُوڙ گھتِي. [13] او ست ڏينھن آن ست راتين ايھڙِي حالت ۾ ايُوب پيڙا زمين تي ٻيسي رھيا پڻ اُوئي سين کوئِي وات کو کرِي. اُوئان ڏِٺو تہ ايُوب رو ڏُک مڙھي وڏو اَھي.

## 3

### ايُوب رو آپري جنم ڏينھن نا ڦِٽکار ڏيڻ

[1] پَڇي ايُوب آپري جنم ڏينھن نا ڦِٽکار ڏِني.
[2] آن کھڻ لگو تہ،
[3] ”او ڏينھن برباد تي جائي جڪي ڏينھن ھُون جائو
آن او رات پڻ برباد تي جائي،
جڪي رات ھُون آپرِي ما ري پيٽ ۾ پڙيو.
[4] سُنو ٿينت، اُوئي ڏينھن اَنڌارو ھونت،
اِيشوَر آڪاس سين اُوئي ڏينھن رو خيال نہ ڪرنت
آن نِڪو ئي او ڏينھن اُگنت.
[5] اَنڌاري آن موت رو پڙڇايو اُوئي ڏينھن تي قبضو ڪرنت،
ڪاڙو ڪڪر اُوئي ڏينھن تي رھنت،
اَنڌارو ڪرڻ واڙين شئين اُوئي ڏينھن نا ٻِيھاڙنت.
[6] جڪي رات ھُون ما ري پيٽ ۾ پڙيو،
سُنو ٿينت تہ او رات ئي نہ ھونت ،
او رات مھيني ۾ پڻ سال ۾ ئي نہ ھونت تو سُنو ھتو.
[7] اُوئي رات ڪوئِي ٻاڙ جاپيو نہ ھونت
اُوئي رات خُوشِي رو ڪوئِي آواز نہ آنت.

8 ڏينهن نا ڦِٽڪار ڏيڻ وارا اُوئي رات نا ڦِٽڪار ڏينت،
مطلب او جادُوگر جڪو وڏِي سمُندري بلا نا پڻ آپري قبضي ۾ ڪري سگهين تا.
9 سُنو هونت، اُوئي رات تارا ڏيکڻ ۾ نہ آنت،
او رات ساڪڙ ٿيڻ رو انتظار ڪرنت پڻ ساڪڙ نہ ٿينت
آن نہ ئي او رات ساڪڙ رِي روشني ڏيکنت.
10 ڪِي تہ جي اُوئي رات
مانهجِي ما نا مانهجو جنم ڏيڻ سين روڪِي هونت
تو اَج مِنا اي ڏُک ڏيکڻو نہ پڙنت.
11 هُون ما ري پيٽ ۾ ڪي ري ڪري ڪو موئو؟
هُون جاپتي ئي ڪي ري ڪري ڪو موئو؟
12 مانهجِي ما مِنا آپري هنچ ۾ ڪي ري ڪري ڪٽيو؟
مانهجِي ما مِنا ٿن ڪي ري ڪري پياڙِي؟
13 جي هُون مري گيو هونت تو اي ڏُک نہ ڏيکنت،
هُون سُتل هونت آن مِنا آرام جُڙنت.
14 هُون اُوئان بادشاهان آن وزِيران ري جين پڙيو هونت،
جڪان آپ سارُون موحلات ٺاهرايا جڪو برباد ٿي گيا.
15 هوئي، هُون اُوئان اميران ري جين سُتل هونت،
جڪان را گهر سون آن چاندِي سين پريل هتا.
16 سُنو ٿينت، مِنا پڻ اُوئي ٻاڙ ري جين قبر ۾ پُوريو جانت، جڪو پُوري مهينان رو ڪوتو هوئي.
17 جِٿ بُرا ماڑهُو بُرائِي ڪري ڪوتا سگهين
آن ٿڪلان نا آرام جُڙي تو.
18 اُٿ سجا قيدِي سڪُون سين رهين تا

آن اُوئان نا جيلر رو آواز سنيڑڻ ۾ ڪوتو آئي۔
[19] اُت ننڍا وڏا سجا برابر هوئين تا
آن غُلام آپري مالِڪ سين آزاد هوئين تا۔
[20] جڪو مُصِيبت ۾ اَهين اُوئان نا زندگي ڪِي ري ڪري جُڙي تِي
آن جڪو زندگي سين بِيزار اَهين او ڪي ري ڪري مرين ڪوتا؟
[21] او موت منگين تا پڻ موت ڪوتو جُڙي،
او موت نا ايهڙي نمُوني جوئين تا،
جيهڙي نمُوني ڪوئِي لِڪيل خزاني نا جوئي تو۔
[22] جڏهين او قبر ۾ پُوريا جائين تا،
تڏهين خُوش ٿي جشن ڪرين تا۔
[23] او ماڙهُو جِيتو ڪي ري ڪري رهي تو،
جڪي نا ڪوئِي رستو نظر ڪوتو آئي
آن جڪي را سجا رستا اِيشوَر بند ڪري ڇڏي تو۔
[24] مانهجي ڪاڻ سارُون آهين اَهين
آن مانهجا لُڙڪ پاڻِي ري جين ويهتا رهين تا۔
[25] جڪي وات رو مِنا بِيھ هوئي تو اوهيج ٿي تِي،
هوئي، اوهيج ٿي تو جڪي رو مِنا بِيھ هوئي تو۔
[26] مِنا نِڪو تسلِي جُڙي تِي نِڪو آرام جُڙي تو آن نِڪو ئي سڪُون
پڻ مُصِيبت ئي مُصِيبت اَهي۔“

# 4

## اِليفز رِي اِيُوب سين پيهلڪِي دفعا وات چِيت ڪرڻ

1 پَڇي اِليفز تيمانِي ايُوب نا کهيو تہ،
2 ”جي تين سين کوئِي وات کري
تو تي سگهي تو تہ تِنا بُرو لگي،
پڻ وات کرڻ سَوا کُوڻ رهي سگهي تو؟
3 جوئو، تين مڙهي گهڻان ماڙهُوئان نا سِکيا ڏِنِي اَهي
آن تين کمزور هٿان نا مضبُوط کريا اَهين ۔
4 تاهجي واتيان کِرڻ واڙان نا سنڀاليا
آن ڏکتل گوڏان نا مضبُوط کريا۔
5 پڻ هي جڏهين تين تي مُصِيبت آئِي اَهي تڏهين تُون همت هاري گيو۔
جڏهين اُوئي تِنا هٿ لگايو تڏهين تُون گهڻو ٻِيهاڻو۔
6 تين تو اِيشوَر رِي پگتِي کرِي اَهي
آن آپرِي زندگي ۾ کوئِي پڻ پاپ کو کريو،
اِيئي ري کري تِنا اِيشوَر تي پروسو کرڻ کپي۔
7 ياد کر، کِي کوئِي بي گُناهہ کڏهي موئو اَهي،
يا نيک ماڙهُو ماراڻا اَهين؟
8 پڻ مين ڏِٺو اَهي تہ،
جکو ماڙهُو بُرائِي رو هڙ کيڙين تا
آن ڏُکان رو ٻِج پوکين تا،
اوهيج اُوئي رو فصل لُڻين تا۔
9 او اِيشوَر رِي ڦُونک سين پهسم تي جاسين،
هوئي، اُوئي رِي خوفناک ڦُونک سين مري جاسين۔
10 جيهڙي نمُوني ببر شِينهن رين هُونگران بند تي جائين تين

آن جوئاݨ شِينهن را ڏنت ٽُٽي جائين تا۔
11 شِڪار نہ جُڙݨ ري ڪري پوڙهو شِينهن مري جائي تو
آن شِينهݨ را ٻچيا رُلي جائين تا۔
12 هيڪ وات لِڪ ۾ مين تائين پُگِي
آن مانهجي ڪن اُوئي رِي سُس پُس سنيڙِي ۔
13 مين رات رو پري اُونگهہ ۾ هيڪ خراب سپنو ڏِٺو،
جڪي نا جوئي هُون پريشان ٿي گيو۔
14 ٻيهہ ري ڪري مانهجو ڏِيل ڏڪݨ لگو،
15 پَڇي هيڪ آتما مانهجي موهر ۾ مٿي
آن مانهجا مٿواڙ اُڀا ٿي گيا۔
16 او آتما مانو ماٿ مانهجي اگ ۾ پِيچي رهِي،
پڻ هُون اُوئي نا اوڙکِي ڪو سگهيو۔
هيڪ صُورت مانهجي اَنکيان ري موهر ۾ هتِي،
پَڇي مين مانو ماٿ هيڪ آواز سنيڙيو تہ،
17 ’ڪِي فانِي اِنسان اِيشوَر ري اگ ۾ نيڪ ٿي سگهي تو؟
ڪِي ڪوئِي اِنسان آپري ٺاهݨ واڙي ري موهر ۾ پوِيتر ٿي سگهي تو؟
18 جوئو، اِيشوَر آپري فرشتان تي پڻ پروسو ڪوتو ڪري
آن آپري فرشتان را پڻ عيب ڪڍي تو۔
19 تو پَڇي اِنسانان تي ڪين پروسو ڪري سگهي تو،
جڪو مِٽِي سين ٺهيل جِسم ۾ زندگي گُذارين تا
آن جڪان رِي بُنياد پڻ مِٽِي تي اَهي،
او ڪِيڙي ري جين لتاڙيا جائين تا۔

[20] او ساکڑ تائین جِیتا رهین تا،
پڻ سانج رو ماریا جائین تا۔
کوئِي پڻ کو اَهي جکو اُوئان رِي سنپال کري
آن او همیشہ سارُون تباھ کریا جائین تا۔
[21] اُوئان ري تنبُوئان را رنڈُو وڍِيا جائين تا
آن عقل آڻ سین موهر ئي مري جائین تا۔‘‘

## 5

### مدد سارُون پُکار

[1] الِیفز ایُوب نا اي پڻ کهیو تہ،
”اي ایُوب، هي تُون پلین پُکاري جوئو،
کُوڻ تِنا تسلِي ڏي تو؟
کِي کوئِي پوِیتر هستِي آئي تاهجِي مدد کرسي؟
[2] حقیقت ۾ کاوڙ آن حسد
بیوَقُوف نا نُپ ماري چڏسي۔
[3] مین بیوَقُوف نا پاڙھ هٹتي ڏِٹو،
پڻ مین اُوئي ري گهر تي لعنت ڏِنِي اَهي،
[4] اُوئي را ٻاڙ محفوظ کو اَهین
آن او شهر ري دروازي تي چِپلیا جائین تا،
آن کوئِي پڻ اُوئان نا بچاڻ واڙو کو اَهي۔
[5] بیوَقُوف ماڑھُو رو فصل ٻُکیا کائي جائین تا
آن او کنٹان ۾ پڻ فصل کڍي کائي جائین تا۔

لالچِي ماڙھُو اُوئِي رِي مِلکت نا ريڙھِي جائين تا۔
[6] کِي تہ مُصِيبت زمين سين کوتِي اُگي
آن نِکو ئي ڏُک زمين سين نِسري تو۔
[7] جيھڙِي نمُوني جوت رين چِٹنگان اُونچين اُڏِي تين،
ايھڙِي نمُوني اِنسان پڻ ڏُک سھڻ سارُون پيدا ٿيو اَھي۔
[8] پڻ اي ايُوب، جي هُون تاھجِي جگھا تي ھونت،
تو هُون رُگو اِيشوَر نا پُکارنت
آن آپرين سجين تکلِيفان اُوئي تي چِڏي ڏينت۔
[9] حقيقت ۾ اِيشوَر را وڏا وڏا کم سمجھ سين ٻاھر اَھين
آن اُوئي ري عجِيب کمان نا گٽي کوتا سگھان ۔
[10] اِيشوَر، زمين تي ميھ ورسائي تو
آن ٻنيان نا پاڻِي ڏي تو۔
[11] اِيشوَر ئي نِيچ ماڙھُوئان نا عزت ڏي تو
آن ڏُکويل ماڙھُوئان نا تسلِي ڏي تو۔
[12] او چالاک ماڙھُوئان ري رِٿان نا برباد کري چِڏي تو
تہ جين اُوئان رين تاھيل رِٿان ناکام ٿي جائين۔
[13] او ڏاھان نا اُوئان رِي چالاکِي ۾ ڦاسائي تو
آن او آپري صلاح مشوران ۾ چيکائِي ناکام ٿي جائين تا۔
[14] ڏينھن رو اُوئان تي اَنڌارو ٿي جائي تو
آن او ٻيپاران رو پڻ اَنڌان ري جين ھلين تا۔
[15] اِيشوَر موٿاجان نا طاقت واڙان رِي زبان رِي تلوار
آن ظُلم سين بچائي لي تو۔

16 اِيئي ري ڪري موتاجان نا اُميد رهي تِي
آن بُران ماڙهُوئان را مُونهِ بند تي جائين تا۔
17 برڪت واڙو اَهي او جڪي نا اِيشوَر دڙڪو ڏي تو،
اِيئي ري ڪري قُدرت واڙي اِيشوَر ري دڙڪي نا گهٽ نہ سمجهہ۔
18 جي او زخم ڏي تو ملم پٽِي پڻ ڪري تو۔
او زخم ڏي تو شِفا پڻ اُوئي ري هٿ ۾ اَهي۔
19 او تِنا اِيئان مُصِيبتان سين بچاسي،
پڻ او تِنا هر مُصِيبت سين بچاتو رهسي۔
20 جڏهين ڏُڪاڙ پڙسي تڏهين اِيشوَر تِنا مرڻ ڪِنهِي ڏي
آن جنگ ۾ پڻ تِنا تلوار سين بچاسي۔
21 تُون مُخالفان ري سخت واتيان سين بچل رهِيس
آن جڏهين مُصِيبت آسي تڏهين تِنا ڀِيهہ ڪِنهِي تي۔
22 تُون تباهي آن ڏُڪاڙ پڙڻ تي هسِيس
آن زمين ري خطرناڪ جناوران سين بِلڪُل ڪِنهِي ڀِهاجين۔
23 تاهجِي ٻني ۾ ڪوئِي پٿر ڪِنهِي هوئي
آن خطرناڪ جناور تين تي حملو ڪِنهِي ڪرين۔
24 تِنا خبر پڙسي تہ تاهجو گهر بچيل اَهي
آن جڏهين تُون آپري جناوران ري واڙي ۾ جائِيس،
تڏهين تاهجو ڪوئِي جناور گهٽ ڪِنهِي هوئي۔
25 تِنا اي پڻ خبر پڙي جاسي تہ،
تاهجو مڙهي گهڻو اولاد هوسي
آن او زمين ري ڪک ري جين وڌتو جاسي۔

[26] تُون وڏِي جمار رو تي مري جائِيس آن پُوريو جائِيس،
جين اَناج را گڏا آپري وقت تي پيڙا کريا جائين تا.
[27] جوئو، اي وات سچ اَهي،
کِي تہ اَسان آپ اِيئي وات رِي جانچ کرِي اَهي.
اِيئي وات نا ڏيان سين سنيڙ آن فائِدو لي.“

# 6

## ايُوب رو اِليفز نا جواب ڏيڻ

[1] پَڇي ايُوب کهيو تہ،
[2] ”جي مانهجي ڎُکان رو حِساب کريو جائي
آن مانهجي سجيان مُصِيبتان نا توڙيو جائي،
[3] تو او سمُندر رِي وارِي سين پڻ ڀارِي هوسين.
اِيئي ري کري مانهجين واتين بيکار اَهين.
[4] قُدرت واڙي اِيشوَر را تِير مِنا لگا اَهين
آن تِيران رو زهر مانهجي اَندر ہِ پکڙي پيو.
اِيشوَر را خوفناڪ حملا مين سارُون تيار اَهين.
[5] کِي جهنگلِي گڏهي کک جُڙڻ سين پَڇي پڻ پُونکي تو؟
آن کِي ڍگو کک ڏيڻ ري تاٽي رنبي تو؟
[6] کِي قِکو کاڏو لُوڻ سَوا کائي سگهان تا؟
کِي اِينڎِي رِي اَچاڻ ہِ کو سواد اَهي؟
[7] هُون ايهڙيان شئيان نا هٿ پڻ کوتو لگائُون،
کِي تہ مِنا اِيئان سين نفرت اَهي.

[8] اِيشوَر ڪري مانهجو عرض سنيڙيو جائي
آن اِيشوَر مانهجِي اُميد پُورِي ڪري۔
[9] جي اِيشوَر رِي اي مرضِي هونت تو مِنا چِپلي چڏنت
آن آپرو هٿ وڌائي مِنا ماري چڏنت،
[10] تو مِنا تسلِي ٿينت،
آن هُون اِيئي هميشہ ري سُوڙ ري ڪري پڻ خُوش رهنت
ڪِي تہ مين اُوئي پوِيتر هستِي رين واتين ڪو لِڪائين۔
[11] مين ہِ اِتي طاقت ڪو اَهي تہ هُون انتظار ڪران
آن سُنِي زندگي سارُون صبر ڪران۔
[12] هُون پٿر جيھڙو مضبُوط ڪو اَهان
آن نِڪو مانهجو ڏيل پتڙ رو نهيل اَهي۔
[13] هي هُون بي وس ٿي گيو اَهان
آن مين ہِ جِيتو رهڻ رِي اُميد ڪو رهِي۔“

## ايُوب رِي آپري دوستان تي ميار

[14] ايُوب اي پڻ ڪهيو تہ،
”جڪو آپري نااُميد ٿيل دوست تي ديا ڪوتو ڪري،
او اُوئي ماڙهُو جيھڙو اَهي،
جڪو قُدرت واڙي اِيشوَر سين ڀِهاجي ڪوتو۔
[15] مانهجي سنگتيِان مِنا ايھڙو دوڪو ڏِنو،
جين ميھ رِي موسم ہِ ندين ڪَپان تائين پرجي وهڻ لگين تين۔
[16] او ندين برف سين پرجي جائين تين،

17 پڻ اُونهاڙي ۾ اُوئي نديان رو پاڻِي ختم ٿي جائي تو
آن او سُڪي جائين تين.
18 پَڇي پاڻِي پرڻ سارُون ٽولان را ٽولا رستي سين ڀٽڪي جائين تا
آن رِڻ پٽ ۾ جائي مري جائين تا.
19 تيما علائقي را ٽولا پاڻِي پرڻ سارُون جوتا رهين تا
آن سِبا علائقي را مسافر پاڻِي ري آسري ۾ هوئين تا.
20 اُوئان نا پروسو هوئي تو ته پاڻِي جُڙسي،
پڻ جڏهين پاڻِي ڪوتو جُڙي تڏهين او پريشان ٿي جائين تا
آن اُت پُڄي پڇتائين تا.
21 اُوئان نديان ري جين اَوهِين پڻ مانهجي ڪهِي ڪم را ڪو اَهو،
ڪِي ته اَوهِين مانهجِي مُصِيبت ڏيکي گهبرائي گيا اَهو.
22 ڪِي مين اَوهان سين ڪوئِي سُوڪڙِي منگِي؟
يا اَوهان آپرِي مِلڪت سين مين سارُون ڪوئِي رشوَت ڏِني؟
23 ڪِي مين اَوهان نا ڪهيو ته مِنا دُشمنان ري هٿان سين ڇڏائو؟
يا پئيسا پري مِنا ظُلميان ري هٿان سين بچائو؟“

## ايُوب رو آپ نا بي ڏوهِي ثابت ڪرڻ

24 پَڇي ايُوب ڪهيو ته،
”اَوهِين مِنا سنيڙائو آن مانهجو ڏوهه ثابت ڪرو؟
تو هُون چُپ ٿي جائِيس.
25 سچائِي رين واتين گهڻين اثر واڙين هوئين تين،
پڻ اَوهانجين واتين بِلڪُل بي اثر اَهين.

26 اَوهِين جڪان واتيان نا بيڪار سمجهو تا،
او مين نااُميد تي کهين،
اَوهِين اُوئان واتيان ري ڪري مين تي ڏوهہ نہ ڏيو۔
27 اَوهِين آپري سنگتيان نا پڻ ويچي ڇڏو تا
آن يتيمان نا ليڻ سارُون پُڪو ناکو تا۔
28 هي مهربانِي ڪري مانهجِي وات سنيڙو،
هُون اَوهان جي اگ ہِ ڪُوڙ کو ہولان۔
29 هُون اَوهان نا مِنت ڪران تو تہ نہ اِنصافِي مَ ڪرو
آن آپرِي غلطي مجو ڪِي تہ هُون حق تي اَهان۔
30 ڪِي هُون ڪُوڙ ہولان تو؟
ڪِي مِنا نَڳِي واڙي واتيان رِي سمجھ کو تِي آئي؟“

# 7

## ايُوب رِي اِيشوَر نا دانهن

1 پَڇِي ايُوب کهيو تہ،
”اِنسان دُنيا ہِ سخت محنت ڪري تو
آن اُوئي رِي زندگي هيڪ مزُور جيهڙِي اَهي۔
2 جين ڪوئِي غُلام ڇانهہ رو انتظار ڪري تو
آن مزُور آپرِي مزُورِي جُڙڻ رِي اُميد ڪري تو۔
3 مين سارُون ڏُکان را مهينا
آن تڪلِيف ڏيڻ سارُون راتين مُقرر ڪرين گين اَهين۔
4 جڏهين هُون وِڇاڻي تي سوئِي رهان تو،

تڏهين سوچان تو تہ ڪڏهين ڏينهن اُگسي؟
ڪِي تہ راتين مڙهي وڏين ٿين تين،
هُون ڏينهن اُگڻ تائين اُٿل پُٿل ٿيتو رهان تو.
5 مانهجو ڏِيل ڪِيڙان آن مِٽِي سين پريو پيو اَهي،
مانهجا ڦٽ نِيڪ ٿيڻ سَوا،
اُوئان ہِ پرُون پرجي جائي تِي.
6 مانهجِي زندگي را ڏينهن مڙهي چيڪا گُذرين پيا
آن هُون اُميد سَوا جِيئان پيو.
7 اي اِيشوَر، تِنا خبر اَهي تہ،
مانهجِي زندگي گهڙِي ڪن رِي اَهي،
مانهجين اَنکين وڙي خُوشِي ڪِنهِي ڏيکين.
8 تُون مِنا هيٺان ڏيکين پيو،
وڙي ڪڏهي ڪِنهِي ڏيکين.
تُون مِنا جوئِيس پڻ هُون ڪِنهِي جُڙان.
9 جين ڪڪر لنگهي گم ٿي جائين تا،
اِين ئيج جڪو ٻُوريو جائي تو،
او ڪڏهي ٻاهر ڪوتو آئي.
10 او وڙي آپري گهري پَچو ڪِنهِي آئي
آن ماڙهُو اُوئي نا وِساري چڏسين.
11 اِيئي ري ڪري هُون آپرو مُونهہ بند ڪوتو رکي سگهان.
پڻ هُون آپري ڏُک ہِ ٻولتو رهِيس
آن آپرِي تڪلِيف رِي دانهن ڏيتو رهِيس.

12 ڪِي هُون سمُندر يا سمُندرِي حيوان ري جين خطرناڪ اَهان،
جڪو تين مين تي پَهرو لڳايو اَهي؟
13 جڏهين هُون کهان تو تہ وِڇاڻي تي مِنا آرام جُڙسي
آن سُوئڻ سين مانهجا ڏُک گهٽ ٿيسي۔
14 تڏهين تُون سپنان ۾ آئي مِنا ڀِهاڙين تو
آن سپنان ۾ آئي مِنا پريشان ڪرين تو۔
15 هي اِيئي ڏُک ڀرِي زندگي سين سُنو اَهي،
تہ ڪوئِي مِنا گهُٽيو ڏي ماري ڇڏي۔
16 مِنا آپرِي زندگي سين نفرت ٿي گئِي اَهي،
مانهجِي مرضِي ڪو اَهي تہ هُون وڌيڪ جِيئان۔
مِنا هيڪلو ڇڏي ڏي،
ڪِي تہ مانهجِي زندگي ٿوڙهِي اَهي۔
17 اِنسان رِي ڪيهڙِي حيثيت اَهي،
جڪو تُون اُوئي نا عزت ڏين آن اُوئي تي ڌيان ڏين؟
18 يا هر روز ساڪڙو تُون اُوئي رِي خبر رکين
آن هر وقت اُوئي نا آزمائِين؟
19 تُون مِنا هيڪلو ڇڏ
آن مِنا موهلت ڏي تہ جين هُون سُک رو ساس لي سگهان۔
20 اي اِيشوَر، تُون جڪو اِنسانان تي نظر رکين تو،
جي مين پاپ ڪريو اَهي،
تو تاهجو ڪيهڙو نُقصان ٿيو اَهي؟
تين مِنا ئي ڪي ري ڪري نِشانو ٺاهيو اَهي؟

هُون تين سارُون يار کِي تي گيو اَهان؟
21 هي تُون مانهجو پاپ معاف کِي کوتو کرين
آن مانهجِي بُرائِي نا مين سين اَڑگي کِي کوتو کرين؟
کِي تہ هي هُون مِتِي ۾ مِلي جائِيس،
پَڇي تُون مِنا جوئِيس پڻ هُون کِنهِي جُڙان۔"

# 8

## بِلدد رِي ايُوب سين وات چِيت

1 پَڇي بِلدد سُوخي ايُوب نا کهيو تہ،
2 "تُون کِتِي تائين ايهڙين واتين کرتو رهِيس
آن کِتِي تائين تُون وائوڑ ري جين تِکو ٻولتو رهِيس؟
3 کِي اِيشوَر بي اِنصاف اَهي؟
نہ، قُدرت واڙو اِيشوَر سچائِي سين اِنصاف کري تو۔
4 تي سگهي تو تہ تاهجِي اولاد اُوئي رو کوئِي پاپ کريو هوئي
آن اُوئان نا اُوئان ري پاپ رِي سزا جُڙِي هوئي۔
5 هي جي تُون قُدرت واڙي اِيشوَر سين مدد منگين
آن اُوئي نا رحم سارُون پُکارين،
6 جي تُون پوِيتر آن سچو تي جائين،
تو پَڇي ضرُور او تاهجِي مدد کرسي
آن تاهجي گهر نا وڙي آباد کرسي۔
7 يلين شرُوع ۾ تين کنهين ٿوڙهو هتو،
پڻ آڻ واڙي ڏينهان ۾ تين کنهين اِيئي سين گهڻو هوسي۔

8 هي اَگلوڪي زماني ري ماڙهُوئان ري باري ۾ خبر لي
آن جڪو ڪينهڪ ٻاپ ڏاڏان سِڪايو، اُوئي تي ڌيان ڏي.
9 اَسِين اَجان ٻاڙ اَهان آن ڪئين خبر ڪو اَهي
آن زمين تي اَسانجِي زندگي گهٽ اَهي.
10 تُون ٻاپ ڏاڏان رِي ڏاهپ سين سِڪ
آن اُوئان ري واتيان تي ڌيان ڏي.
11 ڪِي ڪنول رو ڦُل گَپ سَوا ٽِڙي سگهي تو؟
يا سر رو ڪانو پاڻِي سَوا وڌي سگهي تو؟
12 او سَئَا هوئين تا آن جڏهين پاڻِي ڪوتو جُڙي،
تڏهين ٻِيجان ٻُوٽان سين موهر سُڪي جائين تا.
13 اُوئان ماڙهُوئان سين پڻ اِين رو اِين تي تو،
جڪو اِيشوَر نا وِساري چڏين تا،
او اُميد سَوا جِيئين تا.
14 اُوئان رو ڀروسو گيلڙ ري جاڙي ري جين هوئي تو،
جڪو چيڪو ٽُٽي جائي تو.
15 ڪِي ڪوئِي جاڙي نا ٽيڪ لگائي سگهي تو؟
يا ڪوئِي جاڙي نا جهلي ڀِيچي سگهي تو؟
16 ٻُرا ماڙهُو اُوئان ٻُوٽان ري جين هوئين تا،
جڪان رين ٽاڙين ڪاڙهو لگڻ سين موهر سَئَائين هوئين تين
آن باغ ۾ چاري پاسي پکڙي جائين تين.
17 اُوئان رين پاڙهان جبل تي پکڙي جائين تين
آن پٿران سين ويڙهجي جائين تين.

18 جڏهين اُوئان نا اُوئي جگها سين اُکيڙيو جائي تو،
تڏهين او آساني سين نِسري آئين تين
آن ڪوئِي ڪو ڪهي تہ پيهلڪا اُت ڪينهڪ هتو.
19 جوئو، اُوئان رِي زندگي رُگو اِتي اَهي،
پَڇي اُوئي جگها پِيجا ٻُوٽا اُگي آئين تا.
20 ياد رک، اِيشوَر بُران ماڙهُوئان رِي نہ،
پڻ نيڪ ماڙهُوئان رِي مدد ڪري تو.
21 اِيشوَر تِنا وڙي خُوشين ڏيسي
آن تُون خُوشِي را نعرا هڻِيس.
22 جڪو تين سين نفرت ڪرين تا او ڦِڪا ٿيسين
آن بُران ماڙهُوئان را گهر برباد ٿيسين.“

# 9

## ايُوب رو بِلدد نا وڙتِي ڏيڻ

1 پَڇي ايُوب بِلدد نا وڙتِي ڏِني تہ،
2 ”مِنا خبر اَهي تہ تاهجين واتين صحيح اَهين،
پڻ اِنسان اِيشوَر ري اَگ ۾ ڪين نيڪ ٿي سگهي تو؟
3 جي اِنسان رِي مرضِي هوئي تہ اِيشوَر سين بحث ڪري،
تو او هزار واتيان ۾ هيڪ وات رِي پڻ وڙتِي ڪوتو ڏي سگهي.
4 اِيشوَر ڏاهو آن قُدرت واڙو اَهي،
ڪُوڻ اُوئي سين بحث ڪري ڪامياب ٿيو اَهي؟
5 اِيشوَر جبلان نا هٽائي ڇڏي تو

آن اُوئان نا خبر پڻ ڪوتِي پڙي،
او آپري ڦهر ۾ آئي اُوئان نا اُونڌا ڪري چڏي تو.
6 اِيشوَر زمين نا اُوئي رِي جگها سين لوڏي چڏي تو
آن اُوئي رِي بُنياد لُڏي جائي تِي.
7 او ڪهي تو تہ سُورج نہ نِسري تو او ڪوتو نِسري،
او تاران تي مُهر لگائي تو او ڪوتا چمڪين.
8 هيڪ ئيج اِيشوَر اَهي جڪي آڪاس تاهيا
آن او سمُندر ري ڇوليان تي هلي تو.
9 اِيشوَر ڪٽ، تيڙو، ڪتِي تارا تاهيا
آن ڏکڻ را برُج پڻ تاهيا.
10 اِيشوَر مڙهي وڏا وڏا ڪم ڪريا اَهين،
جڪان نا ڪوئِي پڻ سمجهي ڪوتو سگهي.
آن اِتا چمتڪار ڪريا اَهين جڪان نا ڪوئِي گڻي ڪوتو سگهي.
11 جوئو، اِيشوَر مانهجي پاسي ۾ متي جائي تو،
پڻ مِنا ڏيکائو ڪوتو ڏي،
او مانهجي موهر ۾ تہ هوئي تو،
پڻ مِنا خبر ڪوتِي پڙي.
12 جوئو، جي او ڪينهڪ ڦُڙي لي،
تو ڪُوڻ اُوئي نا روڪي سگهي تو؟
آن ڪُوڻ اُوئي نا ڪهي سگهي تو تہ، ’تُون اي ڪِي ڪرين پيو؟‘
13 جڏهين اِيشوَر آپرِي ڪاوڙ ڏيکاڙي تو،
تڏهين سمُندرِي حيوان رهب را ساٿِي پڻ،

ڀِيهاجي اُوئي ري اَگ ۾ جُهڪي جائين تا.
14 مانهجِي ڪيهڙِي حيثيت اَهي تہ هُون اُوئي نا وڙتِي ڏيان؟
آن اُوئي سين بحث ڪرڻ سارُون سُنا اَکر ٻولان؟
15 ڀلين هُون سچو اَهان، توئي پڻ اُوئي نا وڙتِي ڪو ڏيان،
پڻ هُون ديا سارُون اُوئي نا مِنٿ ڪرِيس.
16 جي او مانهجِي پُڪار تي وڙتِي ڏينت،
توئي پڻ هُون ڀروسو نہ ڪرنت تہ اُوئي مانهجِي فرياد سنيڙِي اَهي.
17 او طُوفان ميلهي مِنا برباد ڪري تو
آن بِنا ڏوه ري مِنا گهڙِي گهڙِي زخمي ڪري تو.
18 او مِنا ساس پڻ ڪوتو ليڻ ڏي،
پڻ مانهجِي برداشت سين وڌيڪ ڏُک ڏي تو.
19 جي طاقت رِي وات ڪرِي جائي،
تو اِيشوَر سَوا ڪُوڻ طاقتور اَهي؟
آن جي اِنصاف رِي وات ڪرِي جائي،
تو ڪُوڻ مِنا اِنصاف ڏيراسي؟
20 جي هُون بي ڏوهِي اَهان،
توئي پڻ مانهجِي زبان مِنا ڏوهارِي ڪرسي
آن جي هُون نيڪ اَهان،
توئي پڻ مانهجِي زبان مِنا پاپِي ڪرسي.
21 هُون بي گُناه اَهان،
مِنا آپري جِيوَ رِي پرواه ڪو اَهي.
آن مِنا آپرِي زندگي سين نفرت اَهي.

22 اِئي سين ڪوئِي فرق ڪونو پڙي،
ڪِي تہ اِيشوَر بي گُناھ آن بُران ماڙھُوئان ہِيان نا ماري ڇڏي تو.
23 جڏھين پڻ اوچِتِي مُصِيبت سين بي گُناھ ماڙھُو مرين تا،
تڏھين اِيشوَر اي ڏيکي هسي تو.
24 اِيشوَر زمين بُران ماڙھُوئان ري حوالي ڪري ڇڏِي اَهي
آن اُوئي سرداران ري اَنکيان تي پٽِي ٻڌي ڇڏِي اَهي،
اي سب ڪُجھ اِيشوَر سَوا ٻِيجو ڪُوڻ ڪري سگهي تو؟
25 مانھجِي زندگي را ڏينھن بِنا خُوشِي آن اُميد سين،
مڙھي چيڪا گُذرين پيا.
26 مانھجِي زندگي را ڏينھن،
ڪانان رِي ٻيڙِي ري جين،
چيڪا گُذرين پيا،
اُوئي باز ري جين جڪو آپري شِڪار تي حملو ڪري تو.
27 جي هُون اي ڪھان تہ،
هُون آپرا ڏُک وِساري ڇڏان
آن اُداسِي ڇڏي خُوش رهِيس.
28 توئي پڻ مِنا آڻ واڙي ڏُکان رو ٻيھ اَهي،
مِنا خبر اَهي تہ اِيشوَر مِنا ڏوهارِي ڪرسي.
29 جڏھين مِنا ڏوهارِي ڪريو جاسي،
تو هُون هرُو پرُو ڪي ري ڪري خُوش رهڻ رِي ڪوشيش ڪران؟
30 جي هُون صابُوڻ سين جِھلان
آن آپرا هٿ ڪارَ سين ڌوئان،

31 توئي پڻ اِيشوَر مِنا ڪِنِي گَپ واڙِي ڪَڎ ۾ غوطو ڎيسي
آن مانهجا گيا مين سين نفرت ڪرسي.
32 او اِيشوَر اَهي، مانهجي جين اِنسان نہ،
تہ هُون عدالت ۾ حاضر تي اُوئي رو مُقابلو ڪران.
33 جي اَسانجي وِچ ۾ ڪوئِي فيصلو ڪرڻ واڙو هونت،
جڪو مانهجو آن اِيشوَر رو فيصلو ڪرنت،
34 تہ جين اِيشوَر مِنا وڌيڪ سزا نہ ڎي
آن اُوئي رو ڀِيھ مِنا پريشان نہ ڪري،
35 تڎهين هُون اِيشوَر سين بي خوف تي واتين ڪرنت،
آن اِيئي حالت ۾ اُوئي سين وات ڪوتو ڪري سگهان.“

# 10

## ايُوب رِي اِيشوَر نا دانهن

1 پَڇي ايُوب ڪهيو تہ،
”هُون آپرِي زندگي سين بيزار اَهان،
اِيئي ري ڪري دِل ڪولي اِيشوَر نا دانهن ڎئِيس
آن آپرِي دِل را ڎُک اُوئي نا سنيڙائِيس.
2 اي اِيشوَر، تُون مِنا ڎوهارِي نہ ٺاھ،
پڻ مِنا سنيڙا تہ تُون مين سين ڪي ري ڪري جهگڙو ڪرين تو؟
3 ڪِي تِنا ظُلم ڪرڻ سُنو لگي تو،
تہ آپري هٿان سين ٺاهيل اِنسان نا رد ڪرين؟
ڪِي اِين ڪري تُون بُران ماڙهُوئان رين رِٿان پُورين ڪوتو ڪرين؟

4 ڪِي تاهجين اَنکين اِنسان ري جين اَهين؟
آن ڪِي تُون اِنسان ري جين جوئين تو؟
5 ڪِي تاهجِي زندگي را ڏينهن آن سال اِنسان ري جين ٿوڙها اَهين؟
6 تو پَڇي تُون ڪي ري ڪري مين ۾ ڏوھ آن پاپ جوئين تو؟
7 تِنا خبر اَهي تہ هُون بي ڏوهِي اَهان،
آن مِنا تاهجي هٿان سين ڪوئِي ڪوتو ڇڏائي سگهي۔
8 تين ئيج مِنا آپري هٿان سين ٺاهيو اَهي،
ڪِي هي تُون مِنا ماري ڇڏِيس؟
9 اي اِيشوَر، ياد ڪر تہ تين مِنا مِٽِي سين ٺاهيو اَهي،
ڪِي تاهجِي مرضِي اَهي تہ وڙي مِنا مِٽِي ۾ مِلائِيس؟
10 تين هيڪي ڦُڙي رِي صُورت ۾،
مِنا مانهجِي ما ري پيٽ ۾ ميلهيو
آن اُٿ مانهجو جِسم ٺهڻ شرُوع ٿيو۔
11 پَڇي تين مانهجي ڏيل تي مانس پريو،
مانهجي هڏين آن نوَزان ٺاهين
آن اُوئان تي ڪل چاڙهِي۔
12 تين زندگي ڏي مين تي ديا ڪرِي
آن مانهجِي زندگي رِي سنڀال ڪرِي۔
13 توئي پڻ تين اي واتين آپرِي دِل ۾ لِڪائي رکين،
پڻ مِنا تاهجي اِرادي رِي خبر پڙي گئِي اَهي۔
14 تہ جڏهين هُون ڪوئِي پاپ ڪرِيس،
تڏهين تُون مِنا جوتو هوئِيس

آن مانهجا ڏوهہ معاف ڪو ڪرين.
15 جي هُون ڏوهارِي اَهان تو مين تي افسوس،
جي هُون بي ڏوهِي اَهان توئي پڻ هُون شرمہ ۾ ٻُڏل اَهان،
ڪِي تہ مانهجِي مڙهي گهڻِي بي عزتِي تئِي
آن مِنا مڙهي گهڻا ڏُک ڏِنا گيا.
16 جي هُون وڏائِي ڪران تو تُون ببر شِينهن ري جين مانهجو شِڪار ڪرِيس
آن عجِيب ڪمان سين گهڙِي گهڙِي مِنا ڏُک ڏئِيس.
17 تُون مانهجي خلاف نوان شاهدان نا پيچاڙِيس،
آن تاهجين فوجان مين تي چڙهي آسين،
ايهڙي نمُوني مانهجا ڏُک وڙي پڻ وڌي جاسين.
18 تين مِنا ما ري پيٽ سين جنم ڪي ري ڪري ڏِنو؟
سُنو هونت تہ هُون ڪهِي ري ڏيکڻ سين موهر ئي مري جانت.
19 سُنو هونت تہ هُون جنم سين موهر ئي مري جانت
آن ٻُوريو جانت جين هُون هتو ئي ڪو.
20 مانهجِي زندگي را ڏينهن مڙهي ٿوڙها رهي گيا اَهين،
بس ڪر آن مِنا ڇڏي ڏي،
تہ جين هُون ٿوڙهِي دير سارُون سُک رو ساس ڪٽي سگهان.
21 ڪِي تہ مِنا ڇيڪو اُت اُوئي جگها تي جاٹو اَهي،
جڪا سين ڪوئِي پَڇو ڪوتو آئي.
مطلب پاتاڙ جِت رُگو اَنڌارو آن موت رِي ڇانهہ اَهي.
22 اُت گهور اَنڌارو آن موت رِي ڇانهہ اَهي
آن اُٿلِي روشني پڻ اَنڌاري ري جين اَهي.“

# 11

## ضُوفر رو پيھلڪِي دفعا وات چِيت ڪرڻ

1 ٻَڇي ضُوفر نعماتي ڪھڻ لگو تہ،
2 ”ڪِي اِيئان سجيان واتيان رو جواب نہ ڏيڻ ڪپي؟
ڪِي گھڻو ٻولڻ واڙو نيڪ سمجھيو جاسي؟
3 اي ايُوب، ڪِي تاھجي اَجايان واتيان سين ماڑھُو ماٺ ٿي جاسي
آن جڏھين تُون ٺٺولين ڪرين تڏھين ڪوئِي تِنا ڦِڪو پڻ نہ ڪري؟
4 تُون ڪھين تو تہ، ’مانھجِي ڏاھپ رين واتين سچين اَھين
آن ھُون اِيشوَر رِي نظر ۾ بي ڏوھِي اَھان۔‘
5 ڪِتو سُنو ھونت تہ اِيشوَر آپ تين سين وات ڪرنت
آن تِنا وڙتِي ڏينت۔
6 اِيشوَر آپ آپرِي ڏاھپ را ڀيد تين تي ظاھر ڪرنت
آن تُون اُوئي را ڀيد سمجھنت،
تڏھين تِنا خبر پڙنت تہ جِتا پاپ تين ڪريا اَھين،
اِيشوَر تِنا اُتِي سزا ڪو ڏِنِي۔
7 ڪِي تُون آپرِي سمجھ سين اِيشوَر ري ڀيد نا اوڙڪي سگھين تو؟
ڪِي تُون قُدرت واڙي اِيشوَر ري اُونڈي ڀيد نا سمجھي سگھين تو؟
8 اِيشوَر رو ڀيد آڪاس سين اُونچو اَھي،
جِٿ تُون پُڄي ڪوتو سگھين،
او پاتاڙ سين پڻ اُونڈو اَھي،
تُون اُوئي ري باري ۾ جاڻي ڪوتو سگھين۔

9 اُوئي رِي دِرگهائِي زمين سين وڌيڪ
آن ويڪرِ سمُندر سين پڻ وڌيڪ اَهي.
10 جي اِيشوَر تِنا قيد ڪري آن عدالت ۾ لي آئي
تو اُوئي نا ڪُوڻ روڪي سگهي تو؟
11 اِيشوَر بُران ماڙهُوئان نا اوڙکي تو
آن اُوئان رِي بُچڙائِي تي نظر رکي تو
آن اُوئان ري ڪمان نا ڪوتو وِساري .
12 بيوَقُوف ماڙهُو رو اِيئان واتيان نا سمجهڻ اِتو ڏُکيو اَهي،
جِتو جهنگلِي گڏهي سين اِنسان رو پيدا ٿيڻ.
13 اي ايُوب، تُون آپرِي پُورِي دِل سين اِيشوَر تي پروسو رک
آن آپرا هٿ دُعا سارُون اُوئي سمهان ڪڻ.
14 جي تاهجي هٿان سين ڪوئِي پاپ ٿيو هوئي،
تو اُوئي رو اِقرار ڪر
آن بُرائِي نا آپري گهر سين ڪڍي ڇڏ.
15 تڏهين تُون ڦِڪو ڪِنهِي تي،
تُون دِليري سين ٻِيتو رهِيس
آن تِنا ڪوئِي ٻِيهہ ڪِنهِي تي.
16 تُون آپرا ڏُک ڀُلجي جائِيس،
او تِنا رُڳو گُذريل ٻوڏ ري جين ياد رهسين.
17 تاهجِي زندگي ٻيپاران سين وڌيڪ چمڪدار هوسي
آن تاهجِي زندگي رو اَنڌارو ساڪرِ رِي روشني ۾ بدلي جاسي.
18 تُون سُک شانتِي سين رهِيس،

کِي تہ تِنا اُميد هوسي،
تُون آپري چاري پاسي بِنا بِيھ ري اُونگھاجِيس۔
[19] جڏهين تُون آرام کرِيس،
تو تِنا کھِي رو بِيھ کِنھِي تي،
پڻ مڙهي گھڻا ماڻهُو تِنا خُوش کرڻ رِي کوشيش کرسين۔
[20] پڻ بُران ماڻهُوئان نا کئين ڏيکڻ ہِ کِنھِي آئي
آن اُوئان ري بچڻ رو کوئِي رستو کِنھِي هوئي،
اُوئان رِي آخرِي اُميد موت هوسي۔“

# 12

## ايُوب رو آپري دوستان نا وڙتِي ڏيڻ

[1] تڏهين ايُوب کهيو تہ،
[2] ”اِين لگي تو تہ جين رُگو اَوهِين ئيج ڏاها اَهو
آن جڏهين اَوهِين مرسو تڏهين ڏاهپ پڻ اَوهان ييڙِي ختم تي جاسي۔
[3] پڻ مين ہِ اُتِي سمجھ اَهي جِتِي اَوهان ہِ۔
کِي اَوهِين مين سين وڌيک سمجھدار اَهو؟
ايهڙو کُوڻ اَهي جکي نا اِيئان واتيان رِي خبر کو اَهي؟
[4] مانھجو حال اُوئي ماڻهُو جيهڙو اَهي،
جکي را دوست پڻ اُوئِي تي ٺٺولين کرين تا،
هُون او ماڻهُو اَهان جکي رين دُعائين اِيشوَر سنيڙتو،
پڻ سچي آن نيک ماڻهُو تي ٺٺولين کرين جائين تين۔
[5] جکي رِي زندگي ہِ سُک هوئي،

او ڏُک ري ماريل ماڙھُو تي ٽنولين ڪري تو
آن ڪِرڻ واڙي نا ڏِڪو ڏي تو۔
6 ڏاڙيل آپري گھران ۾ سڪُون سين رھين تا
آن جڪو اِيشوَر نا ڪاوڙ ڏيرائين تا،
او سُک شانتِي سين رھين تا
آن اُوئان را ڏيوَ اُوئان ري ھٿان ۾ اَھين۔
7 تُون زمين ري جناوران سين پُڇ،
او تِنا سِڪاسين
آن آڪاس ري پکِيان سين پُڇ،
تو او پڻ تِنا سنيڙاسين۔
8 تُون زمين رِي کھِي مخلُوق سين پُڇ،
تہ او تِنا سِڪاسي۔
يا سمُندر ري مڇِيان سين پُڇ،
تو او تِنا سنيڙاسي۔
9 اِيئان سجان نا خبر اَھي تہ
اي سپ ڪُجھ پرميشوَر ئي ٺاھيو اَھي۔
10 ھر ساس واڙي آن ھر اِنسان رِي زندگي،
اِيشوَر ري ھٿ ۾ اَھي۔
11 اَسِين ڪن سين وات نا پرکان تا
جيھڙي نمُوني زبان سين کاڌي ري سواد رِي خبر پڙي تِي۔
12 پوڙھا ماڙھُو ڏاھا ھوئين تا
آن وڏِي عُمر واڙا سمجھدار ھوئين تا۔

13 ڏاهپ آن طاقت اِيشوَر ڪنهين اَهي
آن سمجھ آن سُڻان مشوران رو مالِڪ پڻ اوهيج اَهي۔
14 اِيشوَر جڪي نا ڊاهي ڇڏي، اُوئي نا وڙي ڪوئِي ڪوتو ٺاهي سگهي
آن جڪي نا او قيد ڪري اُوئي نا ڪوئِي آزاد ڪوتو ڪري سگهي۔
15 جي اِيشوَر ميھ نہ ورسائي تو ڏُڪاڙ پڙي تو
آن جي گهڻو ميھ ورسائي تو زمين تي ٻوڏ آئي تِي۔
16 ڏاهپ آن طاقت اِيشوَر ڪنهين اَهي۔
دوڪو ڏيڻ واڙو آن دوڪو کاڻ واڙو ٻئِي اُوئي ري هٿ ۾ اَهين۔
17 او وزِيران سين اُوئان رو اِختيار پَڇو لي تو
آن سرداران رِي سمجھ لي تو۔
18 او بادشاهان نا تخت سين اُتاري ڇڏي تو
آن اُوئان نا غُلام ٺاهي ڇڏي تو۔
19 او پُوجاريان سين اُوئان رو اِختيار ڦُري لي تو
آن طاقت واڙان نا هارائي ڇڏي تو۔
20 او ڀروسي واڙي ماڙھُوئان را مُونھ بند ڪري ڇڏي تو
آن پوڙهان سين ڏاهپ ڦُري لي تو۔
21 او اِختيار واڙان نا ذليل ڪري تو
آن طاقت واڙان نا ڪمزور ڪري ڇڏي تو۔
22 او اَنڌاري ۾ لِڪيل ڀيد ظاهر ڪري ڇڏي تو
آن گهور اَنڌاري نا روشني ۾ بدلائي ڇڏي تو۔
23 او قومان نا وڌائي وڙي اُوئان نا ختم ڪري ڇڏي تو۔
او قومان نا ڀيڙين ڪري وڙي ٽِڙ پکڙ ڪري ڇڏي تو۔

24 او دُنيا ري اگواٽان رِي عقل پَڇي لي
اُوئان نا ايهڙي بيابان ۾ رُلائي ڇڏي تو
جڪا سين ڪوئِي رستو ڪوتو جُڙي.
25 او روشني سَوا اَنڌاري ۾ اِين ٻٽڪتا رهين تا،
جين ڪوئِي شرابِي اِيها اُوها ٿڙتو ڪِرتو رهي تو."

## 13

1 پَڇي ايُوب ڪهيو تہ،
"جوئو، مين اي سپ ڪُجھ آپري اَنکيان سين ڏِٺو
آن آپري ڪنان سين سنيڙيو اَهي آن سپ ڪُجھ سمجهان تو.
2 جڪو ڪُجھ اَوهان نا خبر اَهي اُوئي رِي مِنا پڻ خبر اَهي
ڪِي اَوهِين مين سين وڌيڪ سمجهدار اَهو؟
3 مانهجِي مرضِي اَهي تہ هُون قُدرت واڙي اِيشوَر سين وات ڪران
آن اُوئي سين بحث ڪران.
4 پڻ اَوهِين جڪو ڪُوڙين واتين ڪرڻ واڙا
آن سجائي بيڪار حڪِيم ري جين اَهو.
5 سُنو هونت تہ اَوهِين ماٺ ڪري ٻيسنت
آن ايهيج اَوهانجِي عقلمندي هونت.
6 هي هُون آپرين واتين ثبُوت سين ڪهان تو
آن جڪو هُون ڪهان اُوئي تي ڌيان ڏيو.
7 ڪِي اَوهِين اِيشوَر ري حق ۾ ڪُوڙين واتين ڪرسو
آن اُوئي ري باري ۾ سچ ڪِنهِي ٻولو؟

8 ڪِي اَوهِين اِيشوَر رِي طرفدارِي ڪرسو
آن اُوئي سارُون ڪيس وِڙهسو؟
9 جي اِيشوَر اَوهان نا پرکي،
تو ڪِي اَوهِين اُوئي نا دوکو ڏي سگھو تا،
جين اِنسان نا ڏيو تا؟
10 جي اَوهِين لِڪي لِڪي اُوئي رِي طرفدارِي ڪرسو،
تو او اَوهان نا ضرُور جھڙِپي ڏيسي۔
11 ڪِي اَوهان نا اُوئي ري جلوي رو ٻيھ ڪِنھِي تي
آن اُوئي رِي طاقت سين ٻيھ ڪِنھِي لگي؟
12 پَڇي اَوهانجين اي ڪھاوتان ڪھِي ڪم رين ڪو اَهين
آن اَوهانجا ثبُوت مِٽِي ۾ مِلي جاسي۔
13 اَوهِين ماٺ ڪرو، مِنا ٻولڻ ڏيو،
پَڇي مين سين جڪو پڻ تيسي، ڏِٺو جاسي۔
14 هُون آپرِي زندگي خطري ۾ گھتڻ سارُون تيار اَهان،
مِنا آپرِي زندگي رِي ڪوئِي پرواھ ڪو اَهي۔
15 ڀلين اِيشوَر مِنا ماري ڇڏي،
توئي پڻ مانھجِي اُميد اُوئي ۾ اَهي،
هي هُون اُوئي ري اگ ۾ آپري حق ۾ ٻولِيس۔
16 ايھڙي نمُوني هُون بچي جائِيس،
ڪِي تہ جڪو اِيشوَر نا ڪوتا مجين،
او اُوئي ري اگ ۾ ڪوتا جائي سگھين۔
17 مانھجين واتين ڏيان سين سنيڙو

آن جکو هُون کهان اُوئي تي ڏيان ڏيو.
[18] جوئو، مين آپري کيس تي ڏيان ڏِنو اَهي
آن مِنا خبر اَهي تہ هُون بي گُناهہ اَهان.
[19] جي کوئِي مِنا ڏوهِي ثابت کري،
تو هُون مرڻ گهڙِي تائين ماٺ کري بيسيِس.“

## ايُوب رِي دُعا

[20] پَڇي ايُوب کهيو تہ،
”اي اِيشوَر، تُون مانهجين بہ درخواستان قبُول کر،
تہ جين هُون تاهجي سمهون آئي سگهان.
[21] پيهلکِي درخواست اي اَهي تہ تُون مِنا وڏيک سزا نہ ڏي،
آن بِيجِي درخواست اي اَهي تاهجو بِيهہ مِنا پريشان نہ کري.
[22] پَڇي تُون مِنا منگا آن هُون تِنا جواب ڏِئيس
يا مِنا بولڻ ڏي آن تُون اِيئي رو جواب ڏي.
[23] مين سين کِتا پاپ آن غلطين تين اَهين؟
تُون مانهجا ڏوهہ آن پاپ مِنا سنيڙا.
[24] تُون مين سين کي ري کري ناراض اَهين؟
تُون مِنا آپرو دُشمن کي ري کري سمجهين تو؟
[25] هُون اُڏڻ واڙي سُکل پَن
آن بوهہ ري جين اَهان،
تُون مِنا پريشان کي ري کري کرين تو؟
[26] تاهجِي مرضِي سين مين تي اي الزام لگين،

تہ جين ھُون آپرِي جَوانِي ري پاپان رِي سزا ڪٽان.
27 تين مانھجي پڳان ۾ سنڪڙان ٻڌي ڇڏين اَھين.
تُون مانھجي سجان رستان تي نظر رکين تو
آن مانھجي پڳان را نِشان اوڙڪين تو.
28 ھُون سڙيل شئي ري جين اَھان جڪو ناس ٿي جائي تِي
آن ايھڙي گيي ري جين اَھان،
جڪي نا ڪِيڙي ڪُتري ڇڏيو ھوئي."

# 14

## فانِي زندگي

1 پَڇي ايُوب ڪھيو تہ،
"اِنسان ڏوسِي سين پيدا ٿي تو،
او توڙھان ڏينھان رو اَھي آن ڏُکان سين پريل اَھي.
2 او گُل ري جين ٽڙي تو آن ڪومائجي جائي تو،
او ڇانھ ري جين مٽي جائي تو آن ھيڪِي جڳھا ڪوتو پيچي.
3 تُون ڪي ري ڪري مين تي نظر رکين تو؟
تُون ڪي ري ڪري مِنا عدالت ۾ منگائين تو؟
4 ڪِي ڪوئِي پلِيت شئي سين پوِيتر شئي ڪڍي سگھي تو؟
ڪوئِي پڻ نہ.
5 اِنسان رِي عُمر مُقرر اَھي،
تِنا خبر اَھي تہ او ڪِتو عرصو جِيتو رھسي.
تين اُوئي رِي عُمر رِي حد مُقرر ڪري ڇڏِي اَھي،

جکي نا او وڏائي ڪوتو سگھي۔

6 تُون اُوئي سين آپرِي نظر هٽائي ڇڏ،

تہ جين او سُک رو ساس ڪٽي سگھي،

جيھڙي نمُوني مزُور نا آپرو ڪم ختم ڪرڻ سين پَڇي آرام جُڙي تو۔

7 جي وڻ نا وڍيو جائي،

تو اُوئي رِي وڙي اُگڻ رِي اُميد هوئي تِي

آن اُوئي سين نوين ٽاڙين نِسرين آئين تين۔

8 ڀلين اُوئي رين پاڙھان زمين ۾ پُراڻين ٿي جائين

آن اُوئي رو ٿُڙ مٽي ۾ گڙي جائي،

9 پَڇي جڏهين اُوئي نا ٿوڙھو پاڻِي جُڙي تو،

تو اُوئي سين نوا گونچ نِسري آئين تا

آن او نوي ٻُوٽي ري جين سائو ٿي جائي تو۔

10 پڻ جڏهين اِنسان رو دم نِسري جائي تو،

تڏهين او مري جائي تو

آن اُوئي رِي طاقت ختم ٿي جائي تِي،

پَڇي او وڙي جِيتو ڪوتو ٿي۔

11 جين ڊنڍ رو پاڻِي سُڪي جائي تو

آن دريا رو پاڻِي گھٽ ٿي سُڪي جائي تو،

12 اِين رو اِين اِنسان مرڻ سين پَڇي وڙي جِيتو ڪوتو ٿي۔

جِتِي تائين آڪاس قائم اَهي، اِنسان ڪِنهِي جاگي

آن نِڪو ئي اُوئي نا جاگايو جائي۔

13 سُنو هونت تہ تُون مِنا پاتاڙ ۾ لِڪائي ڇڏنت

آن جِتي تائين تاهِجي ڪاوڙ گهٽ نہ ٿينت،
اُوئي وقت تائين تُون مِنا لِڪائي رکنت،
پَڇي مُقرر وقت تي مِنا ياد ڪرنت۔
[14] جي اِنسان مري وڃي جِيتو ٿينت،
تو هُون آپرين تڪلِيفان برداشت ڪرتو رهنت،
جِتي تائين تُون مِنا نہ ڇڏانت۔
[15] پَڇي تُون مِنا سڏ ڪرنت آن هُون تِنا ورتِي ڏينت،
آن تُون مين تي ڌيان ڏينت،
ڪِي تہ تين اِنسان نا آپري هٿان سين ٺاهيو اَهي۔
[16] تُون مانهجي سجان رستان ۾ سنڀال ڪرنت
آن مانهجي پاپان رو حِساب نہ ڪرنت۔
[17] تُون مانهجا سجا پاپ معاف ڪرنت
آن مانهجا سجا گُناهہ ڍڪي ڇڏنت۔
[18] جين جبل ڪِري ختم ٿي جائي تو
آن ٽَڪر آپرِي جگها سين هٽي جائي تو۔
[19] جين پٿر تي پاڻِي ڪِرتو رهي تو او گسجي جائي تو
آن ٻوڏ مِٽِي نا لوڙهي لي جائي تِي،
ايهڙي نمُوني تُون اِنسان رِي اُميد نا ختم ڪري ڇڏين تو۔
[20] تُون اِنسان تي هميشہ رُعب رکين تو،
اِيئي ري ڪري او مري جائي تو۔
تُون اُوئي رو مُونهہ خراب ڪري اُوئي نا ختم ڪري ڇڏين تو۔
[21] پَڇي پلين اُوئي ري ٻاڙان نا عزت جُڙي يا خُوارِي،

اُوئي نا ڪوئِي خبر ڪوتِي پڙي.
22 او رُگو آپري جِسم رو سُوڙ محسُوس ڪري تو
آن آپ سارُون ئي ماتم ڪرتو رهي تو.“

# 15

## اِليفز رو بِيجِي دفعا وات چِيت ڪرڻ

1 پَڇي اِليفز تيمانِي ايُوب نا ڪهيو تہ،
2 ”جي تُون ڏاهو هونت تو سُئِي وڙتِي ڏينت،
آن اَجائين واتين ڪري وڙتِي نہ ڏينت،
جين ڪوئِي بيوَقُوف اَجائين واتين ڪري تو.
3 ڪِي تِنا جُڳائي تو،
تہ تُون اَجايو بحث آن بيڪار واتين ڪرين؟
4 تِنا اِيشوَر رو ڪوئِي خوف ڪو اَهي
آن تُون اُوئي رِي ڀڳتِي نا اَجائِي سمجهين تو؟
5 تاهجي واتيان سين خبر پڙي تِي تہ تُون ڏوهارِي اَهين،
ڪِي تہ تُون ٺڳان ري جين وات ڪرين تو.
6 تُون آپري واتيان سين ڏوهارِي ٿين تو.
هُون نہ پڻ تاهجو مُونه تاهجي خلاف شاهدِي ڏي تو.
7 ڪِي دُنيا ۾ پيهلڪو اِنسان تُون ئيج پيدا ٿيو تو؟
ڪِي تُون جبل نهڻ سين موهر پيدا ٿيو تو؟
8 ڪِي تِنا اِيشوَر ري ڀيد رِي خبر اَهي؟
ڪِي رُگو تُون ئيج هيڪ ڏاهو ماڙهُو اَهين؟

9 تِنا ايهڙِي ڪهِي وات رِي خبر اَهي جڪو اَسان نا خبر ڪو اَهي؟
تين ۾ ايهڙِي ڪيهڙِي سمجھ اَهي جڪو اَسان ۾ ڪو اَهي؟
10 اَسانجي وِچ ۾ اڇي مٿي واڙا آن پوڙها اَهين،
جڪو عُمر ۾ تاهجي اَبا سين پڻ وڏا اَهين.
11 ڪِي اِيشوَر رو دلاسو تين سارُون گهٽو ڪو اَهي؟
ڪِي او واتين جڪو تين سين نرمِي سين ڪرين جائين تين، گهٽ اَهين؟
12 تُون آپري جوش نا قابُو ۾ ڪي ري ڪري ڪوتو رکين
آن ڪاوڙ ۾ تاهجين اَنکين ڪي ري ڪري رتين اَهين؟
13 تُون ڪاوڙ ۾ اِيشوَر ري خلاف ڪي ري ڪري ٻولين تو؟
تُون آپري مُونھ سين ڪاوڙ واڙين واتين ڪي ري ڪري ڪرين تو؟
14 اِنسان رِي ڪيهڙِي حيثيت اَهي تہ او پوِيتر تي؟
ڏوسِي سين جنم ليڻ واڙو اِنسان ڪين نيڪ تي سگهي تو؟
15 جوئو، اِيشوَر آپري فرشتان تي ڀروسو ڪوتو ڪري،
ڪِي تہ اُوئي رِي نظر ۾ او پڻ پوِيتر ڪو اَهين.
16 تو پَڇي او اِنسان تي ڪين ڀروسو ڪرسي،
جڪو بُرو آن نفرت ري قابل اَهي
مطلب بُرائِي ڪرتو رهي تو.
